إِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۖ لَئِن لَّمْ تَنتَهُوا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُم

بيشڪ اسين توهان کي منحوس سمجهون ٿا، قسم ٿا جيڪڏهن توهان تبليغ کان نه رکيا تا سين ضرور توهان کي سنگسار ڪنداسين ۽ توهان کي ضرور

مِّنَّا عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١٨﴾ قَالُوا طَائِرُكُم مَّعَكُمْ ۚ أَئِن ذُكِّرْتُم ۚ

اسان کان سخت عذاب پهچندو. قاصدن چيوتہ توهان جي منحوسي توهان سان گڏ آهي، چا نصيحت جو ڪري توهان کي منحوسي لڳي ٿي.

بَلْ أَنتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُونَ ﴿١٩﴾ وَجَاءَ مِنْ أَقْصَا الْمَدِينَةِ

بلڪ توهان (شرڪ جي ڪري) حد کان وڌندڙ قوم آهيو. ۽ شهر جي پرئين پاسي کان هڪ ماڻهو (حبيب نجار)

رَجُلٌ يَسْعَىٰ قَالَ يَا قَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِينَ ﴿٢٠﴾

ڊوڙندو آيو، اُن چيو اي منهنجي قوم توهان انهن قاصدن جي تابعداري ڪريو

اتَّبِعُوا مَن لَّا يَسْأَلُكُمْ أَجْرًا وَهُم مُّهْتَدُونَ ﴿٢١﴾

جيڪي توهان کان (تبليغ جو) ڪو اجورو نٿا وٺن ۽ اهي هدايت ڪيل آهن.

وَمَا لِيَ لَا أَعْبُدُ الَّذِي فَطَرَنِي وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٢٢﴾

۽ مون لاءِ ڪيئن مناسب ٿي ٿو ته آئون ان الله تعالىٰ جي عبادت نه ڪريان جنهن مونکي پيدا فرمايو ۽ توهان اُن ڏانهن موٽايا ويندا.

ءَأَتَّخِذُ مِن دُونِهِ آلِهَةً إِن يُرِدْنِ الرَّحْمَٰنُ بِضُرٍّ لَّا

چا آئون الله کان سواءِ ڪو معبود وٺان جيڪڏهن الله تعالىٰ (مون لاءِ) کهن تڪليف جو ارادو ڪري تہ اهو (معبود)

تُغْنِ عَنِّي شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا وَلَا يُنقِذُونِ ﴿٢٣﴾ إِنِّي إِذًا لَّفِي

منهنجي ڪا سفارش نه ڪري سگهي ۽ نه مون کي (عذاب الاهيءَ کان) بچائي سگهي. بيشڪ ان وقت آئون

ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٢٤﴾ إِنِّي آمَنتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُونِ ﴿٢٥﴾ قِيلَ

صاف گمراهيءَ ۾ هوندس. بيشڪ مون پنهنجي رب تي ايمان آندو آهي پوءِ توهان (منهنجي ڳالهه) ٻڌي ڇڏيو. اُن کي چيو ويو

ادْخُلِ الْجَنَّةَ ۖ قَالَ يَا لَيْتَ قَوْمِي يَعْلَمُونَ ﴿٢٦﴾ بِمَا غَفَرَ لِي

تہ تون بهشت ۾ داخل ٿيءَ، ان چيو ڪاش! منهنجي قوم کي معلوم ٿئي ها تہ مون کي منهنجي رب

الجزء ٢٣

رَبِّيْ وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٧﴾ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ

ڪهڙي سبب جي ڪري بخش ڪري ڇڏيو ۽ مون کي (جنت ۾) مڪرم ٻانهن مان ڪيو ۽ نه موڪليو اُن قوم تي

مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَمَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ ﴿٢٨﴾

اُن کان پوءِ ڪو لشڪر آسمان مان ۽ نه اسان لشڪر لاهيندڙ هُئاسين.

اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿٢٩﴾ يٰحَسْرَةً

نه هو اهو (ڪيل عذاب) مگر هڪڙي فرشتي جي دانهن، پوءِ اُن وقت اهي سڀ مرندڙ آهن (الله تعالىٰ فرمائيندو) افسوس آهي

عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ

انهن ٻانهن تي، نه آيو انهن وٽ ڪو رسول مگر اهي پيغمبرن سان

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ

مذاق ڪندا هئا. ڇا (مڪي جا ڪافر) اهو نه ٿا ڏسن ته انهن کان اڳ ۾ اسان ڪيترا ڳوٺ هلاڪ ڪيا

اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ ؕ وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا

بيشڪ اهي انهن ڏانهن نه ٿا موٽن. ۽ بيشڪ سموري مخلوق (قيامت جي ڏينهن) اسان جي اڳيان

مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾ ع وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚ اَحْيَيْنٰهَا وَ

حاضر ڪيل آهن. ۽ انهن (ڪافرن) لاءِ هڪ نشاني غير آباد زمين آهي جنهن کي اسان آباد ڪريون ٿا ۽

اَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ

انهيءَ (زمين) مان اسين اناج پيدا ڪريون ٿا پوءِ اُن مان اهي کائن ٿا. ۽ اسان انهي زمين مان

نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾ ۙ لِيَاْكُلُوْا

کجور ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪيا ۽ انهيءَ زمين مان چشما پيدا ڪيا. اُن لاءِ ته اهي اُن جا

مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ؕ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾

ميوا کائن ۽ انهن جي هٿن اهو ڪم نه ڪيو، ڇا پوءِ (اڃان به) اهي شڪر نه ٿا ڪن.

وقف غفران

ع ٢ ١٦ ١

سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ

مقدس آهي اهاذات جنهن جوڙا بنايا انهن شين مان جيڪي زمين پيدا ڪري ٿي

وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۖ

۽ انهن جي نفسن مان ۽ انهن شين مان جن کي اهي نٿا ڄاڻن . ۽ انهن لاءِ هڪ نشاني رات آهي .

نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ

اسين اُن مان ڏينهن کي ڇڪي ڪڍون ٿا ، پوءِ اُن وقت اهي اوندهي ۾ آهن . ۽ سج پنهنجي

لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ۭ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَالْقَمَرَ

مقرر حد ڏانهن هلي رهيو آهي ، اها تقدير غالب ، صاحبِ علم جي آهي . ۽ چند لاءِ به اسان

قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿٣٩﴾ لَا الشَّمْسُ

منزلون مقرر ڪيون آهن ايستائين جو اهو ڪجيءَ جي پراڻي ٽاريءَ وانگر موٽي ٿو . سج کي

يَنْۢبَغِيْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ۭ وَ

اجازت ناهي جو اهو چند کي پُهچي ۽ رات کي اجازت ناهي جو ڏينهن کان اڳ ۾ اچي ۽

كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ

اهي سيئي پنهنجي فلڪ ۾ سير ڪري رهيا آهن . ۽ انهن لاءِ هي به نشاني آهي ته بيشڪ انهن جي وڏن کي (نوح جي)

فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿٤١﴾ وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا

پريل ٻيڙيءَ ۾ اسان سوار ڪرايو . ۽ اسان ان جهڙيون (ٻيون) ٻيڙيون انهن لاءِ خلقيون جن ۾

يَرْكَبُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ

اهي سوار ٿين ٿا . ۽ جيڪڏهن اسين چاهيون ته انهن کي ٻوڙي ڇڏيون ، پوءِ انهن لاءِ ڪو به مددگار نه آهي ۽ نه اهي

يُنْقَذُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٤٤﴾ وَاِذَا قِيْلَ

(پاڻ کي) بچائي سگهن ٿا . مگر اسان جي طرفان اها رحمت ۽ مقرر وقت تائين مُهلت آهي . ۽ جڏهن وقت انهن کي

لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٥﴾

چيو وڃي ٿو ته توهان دنيا ۽ آخرت جي عذاب جو خوف ڪريو ته مَن توهان تي رحم ڪيو وڃي.

وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا

۽ انهن وٽ جڏهن الله تعالى جي نشانين مان ڪا نشاني پهچي ٿي ته اهي ان کان

مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ

انڪار ڪندڙ آهن. ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو ته توهان الله تعالى جي ڏنل رزق مان خرچ ڪريو،

قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ

ڪافر، مؤمنن لاءِ چون ٿا ته ڇا اسين انهن کي کارايايون جن لاءِ جيڪڏهن

اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٧﴾

الله چاهي ها ته انهن کي پاڻ کارائي ها، توهان ته صاف گمراهيءَ ۾ آهيو.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ مَا

۽ اهي چون ٿا ته اهو وعدو (وري زنده ٿيڻ جو) ڪڏهن ايندو جيڪڏهن توهان سچا آهيو؟ نه ٿا

يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ﴿٤٩﴾

انتظار ڪن مگر هڪ زبردست دانهن جو، جيڪا انهن کي اچي وٺندي ۽ اهي (دنيا جي) اختلافن ۾ هوندا.

فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّلَآ اِلٰٓى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَ

پوءِ اهي (پنهنجي گهر وارن لاءِ) وصيت ڪري نه سگهندا ۽ نه وري پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي سگهندا. ۽

نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ

جڏهن (بي) صور ڦوڪي ويندي، پوءِ ان وقت اهي قبرن مان نڪري پنهنجي رب ڪريم ڏانهن

يَنْسِلُوْنَ ﴿٥١﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا مَا

ڊوڙندا ايندا. اهي چوندا هاءِ افسوس! اسان کي اسان جي ننڊن مان ڪنهن اٿاريو؟ هي (اُٿڻ) اهو آهي

وقف لازم
وقف حسن
وقف منزل

وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٢﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً

جنهنجو وعدو رحمٰن ڪيوهو ۽ رسولن سچ فرمايو . اها فقط هڪ دانهن

وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَالْيَوْمَ لَا

هوندي پوءِ ان وقت اهي سمورا اسان وٽ (حساب لاءِ) حاضر ڪيل هوندا . پوءِ ان ڏينهن ڪو

تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٤﴾

نفس ڪنهن تي ظلم نه ڪندو ۽ توهان کي ان عمل جي جزا ملندي جيڪو توهان ڪيو هوندو.

اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿٥٥﴾ هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ

بيشڪ جنتي ان ڏينهن پنهنجي پسنديده ڪمن جون خوشيون ڪندڙ هوندا . اهي ۽ انهن جون گهروارين

فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿٥٦﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّ

ساڻ ۾ پردي سان ڪيل تختن تي تڪيون هڻندڙ هوندا . انهن جنتين لاءِ ان ۾ (هر قسم جا) ميوا هوندا ۽

لَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ﴿٥٧﴾ سَلٰمٌ ۚ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿٥٨﴾ وَامْتَازُوا

انهن لاءِ اهو هوندو جنهن جي (پاڻ) تمنا ڪندا . انهن تي رب رحيم ڪريم جو سلام هوندو . (الله قيامت ۾ فرمائيندو) اي مجرمو

الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ اَنْ لَّا

توهان اڄ ڏينهن الڳ ٿي وڃو. اي انسانو! ڇا مون توهان کان وعدو نه ورتو هو ته توهان

تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٠﴾ وَّاَنِ

شيطان جي تابعداري نه ڪجو ، بيشڪ اهو توهان لاءِ صاف دُشمن آهي . ۽ توهان

اعْبُدُوْنِيْ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ اَضَلَّ وقف غفران

منهنجي عبادت ڪجو، اهو ئي سڌو رستو آهي . ۽ بيشڪ شيطان

مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ؕ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٢﴾

توهان مان تمام گهڻي مخلوق کي گمراهه ڪيو. ڇا پوءِ توهان نه ئي سمجهو.

هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿٦٣﴾ اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ

هي ۽ اها جهنم آهي جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويو هو. توهان پنهنجي ڪفر جي ڪري اڄ

تَكْفُرُوْنَ ﴿٦٤﴾ اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَ

انهيءَ ۾ داخل ٿيا ۽ اڄ اسين انهن جي واتن تي مُهرون هڻنداسين (سندن بداعمالي جي ڪري) پر اسان وٽ

تَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا

سندن هٿ ۽ پير سندن ٻڌان شاهدي ڏيندا ۽ جيڪڏهن اسين چاهيون ها ته سندن

عَلٰٓى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى يُبْصِرُوْنَ ﴿٦٦﴾ وَلَوْ نَشَآءُ

اکيون (دنيا ۾) مٽائي ڇڏيون ها، پوءِ اهي (ڏنل رستي ڏانهن) ڊوڙن ها پر اهو ڪين ڏسي سگهن ها ۽ جيڪڏهن اسين چاهيون

لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مُضِيًّا وَّلَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٧﴾ ع ٣

ته گهر ويٺي سندن صورتون مٽائي ڇڏيون ها، پوءِ نه اهي وڌي سگهن ها ۽ نه پوئتي موٽي سگهن ها.

وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ ؕ اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَّمْنٰهُ

۽ جنهن ماڻهوءَ کي اسين عمر رسيده ڪريون ٿا ته اُن جي خلقت ۾ ضعف پيدا ڪريون ٿا، پوءِ اهي نه تا سمجهن ۽ رسول عربي کي اسان

الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿٦٩﴾ لِّ

شعر چوڻ نه سيکاريو ۽ نه اهو سندس شايان شان آهي، نه اهي اها (وحي) مگر نصيحت ۽ قرآن مبين

لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٠﴾ اَوَلَمْ

ان لاءِ ته ان ماڻهوءَ کي ڊيڄاريو وڃي جنهن جي دل ۾ خوفِ خدا آهي ۽ ڪافرن تي تقدير الاهي ثابت ٿي ڇڏي آهي. ڇا انهن نه

يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا

ڏٺو ته بيشڪ اسان پنهنجي دستِ قدرت سان انهن لاءِ چوپايا خلقيا پوءِ اهي اُن جا

مٰلِكُوْنَ ﴿٧١﴾ وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿٧٢﴾

مالڪ آهن ۽ اسان انهن لاءِ چوپايا مسخر بنايا پوءِ انهن مان ڪن تي اهي سواريون ٿا ۽ انهن مان ڪن کي کائون ٿا.

وَلَهُمْ فِيهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ۝ وَاتَّخَذُوْا

۽ انهن لاءِ انهن (چوپائين) ۾ گهڻا نفعا ۽ ڪير آهي ، ڇا پوءِ اهي شڪر نه ٿا ڪن . انهن (ڪافرن)

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ۝ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

الله تعالىٰ کانسواءِ معبود بنايا آهن تہ جو انهن جي مدد ڪئي وڃي. (انهن بُتن کي سندن) مدد ڪرڻ جي

نَصْرَهُمْ ۙ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ۝ فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ

طاقت نہ آهي ۽ اهي پنهنجي لشڪر سميت حاضر ڪيل آهن . پوءِ توهان کي سندن بي ادبي ڏکي نہ لڳي.

اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝ اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ

بيشڪ اسين جاڻون ٿا جيڪو اهي لڪائن ٿا ۽ جيڪو اهي ظاهر ڪن ٿا . ڇا انسان (ڪافر) نہ ڏٺو؟

اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ۝

تہ بيشڪ اسان اُن کي هڪ قطري مان پيدا ڪيو پوءِ هاڻي اهو (انسان لاءِ) صاف دشمن آهي.

وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّنَسِيَ خَلْقَهٗ ۭ قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَ

۽ اسان لاءِ مثال بيان ڪري تہ ۽ پنهنجي خلقت کي وساري ويٺو، چوي تہ انهن ڳريل هڈڻ کي

هِيَ رَمِيْمٌ ۝ قُلْ يُحْيِيْهَا الَّذِيْٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۭ وَهُوَ

ڪير جيارينڊو . رسول عربي توهان فرمايو انهن کي اهو زنده ڪندو جنهن پهرئين دفعي انهن کي پيدا ڪيو ۽ اهو

بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمُۨ ۝ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ

هر مخلوق کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي . الله اهو آهي جنهن توهان لاءِ سائي وڻ مان

نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ۝ اَوَلَيْسَ الَّذِيْ خَلَقَ

باهہ پيدا ڪئي پوءِ توهان ان مان باهہ ٻاريو ٿا . اهو الله تعالىٰ جنهن (پنهنجي قدرت سان)

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ۭ بَلٰي ۙ

آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيون . ڇا اهو ان ڳالهہ تي قادر ناهي جو انهن جهڙا ٻيا پيدا ڪري سگهي؟ ها ،

وقف لازم

وقف غفران

وَهُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿۸۱﴾ اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ

۽ اهو وڏي علم وارو خالق آهي . پاڻ جڏهن کنهن شيءَ جي تخليق جوارادو ڪندو آهي تڏهن کيس حُڪم ڪندو آهي

لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۸۲﴾ فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ

تہ تيءَ ۽ پوءِ فوراً اهاشيءَ ٿي پوندي آهي. پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن جي دستِ قدرت ۾ مڪمل

كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۳﴾ ع

اقتدار (بادشاهي) آهي ۽ انهيءَ ذاتَ ڏانهن سڀني موتايا ويندا.

اٰيَاتُهَا ۱۸۲ (۳۷) سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰتِ مَكِّيَّةٌ (۵۶) رُكُوْعَاتُهَا ۵

سورة صٰفّٰت مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي، ان ۾ ۱۸۲ آيتون ۽ ۵ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي.

وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ﴿۱﴾ فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ﴿۲﴾ فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ﴿۳﴾

قسم آهي فرشتن جي جيڪي صفون ٻڌي بيٺا آهن. ۽ قسم آهي انهن فرشتن جي جيڪي ڪنهن کي ڪمن تي هلڻ لاءِ ڪلي ٿا. ۽ قسم آهي انهن ملائڪن جي جيڪي قرآن ڪريم پڙهن ٿا.

اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ﴿۴﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا

بيشڪ توهان جو معبود يقيناً هڪ آهي. (اهوئي) آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ۽ انهن شين جو رب آهي جيڪي انهن ٻنهيءَ جي وچ ۾ آهن

وَرَبُّ الْمَشَارِقِ ﴿۵﴾ اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ

۽ (اهوئي) مشرقن (اوڀرن) جو رب آهي. بيشڪ اسان آسمان دنيا جي تارن سان سينگاريو

الْكَوَاكِبِ ﴿۶﴾ وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ﴿۷﴾ لَا

آهي . (۽ اسان ان کي) هر ترڙيل شيطان کان محفوظ بنايو آهي . (اهي شيطان)

يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى وَيُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ﴿۸﴾

ملائڪن جون ڳالهيون ٻڌي نٿا سگهن ۽ انهن کي هر طرف کان ماريو

۽ ۽ تفسير مظهري ۽ المفردات في غريب القرآن ۽ تفسير روح البيان. (منزل ۶)

دُحُوْرًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ۙ﴿٩﴾ اِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ

تڙيو وڃي ٿو ۽ انهن لاءِ هميشه[1] وارو عذاب آهي. مگر جنهن جلديءَ ۾ ڪجهه ڳالهه جهٽي ورتي

فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿١٠﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ خَلْقًا

پوءِ اُن جي پويان چمڪندڙ شعلو لڳي ٿو. پوءِ توهان انهن (ڪافرن) کان پڇو ته ڇا اهي خلقت ۾ وڌيڪ مضبوط

اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا ؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ ﴿١١﴾ بَلْ

آهن يا اُهي شيون جيڪي اسان خلقيون آهن، بيشڪ اسان انهن کي چنبڙندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو. بلڪ توهان کي

عَجِبْتَ وَيَسْخَرُوْنَ ۖ﴿١٢﴾ وَاِذَا ذُكِّرُوْا لَا يَذْكُرُوْنَ ۖ﴿١٣﴾ وَاِذَا

عجب ٿئي ٿو ۽ اُهي مذاق ڪن ٿا. ۽ جڏهن انهن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي نصيحت قبول نه ٿا ڪن. ۽ اهي جڏهن

رَاَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُوْنَ ۖ﴿١٤﴾ وَقَالُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ

ڪو معجزو[2] ڏسن ٿا ته مذاق ڪن ٿا. ۽ (اهي ڪافر) چون ٿا ته ناهي هيءُ (معجزو) مگر صاف

مُّبِيْنٌ ۚۖ﴿١٥﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۙ﴿١٦﴾

جادو. ڇا اسين جڏهن مري مٽي ۽ هڏا ٿيندا سين ڇا بيشڪ اسين ٻي دفعي يقيناً اٿاريا ويندا سين.

اَوَاٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ﴿١٧﴾ قُلْ نَعَمْ وَاَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ ۚ﴿١٨﴾ فَاِنَّمَا

۽ اسان جا پهريان پيءُ ڏاڏا (به اٿاريا ويندا). رسولِ عربي توهان فرمايو ها، ۽ توهان ذليل به ٿيندا. پوءِ اهو

هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوْا يٰوَيْلَنَا

هڪ زبردست آواز آهي پوءِ ان وقت اهي ڏسندا. ۽ چوندا هاءِ افسوس

هٰذَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿٢٠﴾ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

هيءُ قيامت جو ڏينهن آهي. هيءُ اهو فيصلي وارو ڏينهن آهي جنهن کي توهان

تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢١﴾ ع اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَمَا

ڪوڙو سمجهو ٿي (الله تعالىٰ ملائڪن کي فرمائيندو ته) توهان ظالمن ۽ سندن تابعدارن[3] ۽ سندن بُتن

ع ١ ٢١ ٥

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير مظهري. [4] تفسير روح البيان.

كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٢٢﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ

كي جن جي اهي الله کانسواءِ عبادت ڪندا هئا. (انهن سڀني کي) توهان هڪلي جهنم جي[1] رستي تي

الْجَحِيْمِ ﴿٢٣﴾ الربع وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْـُٔوْلُوْنَ ﴿٢٤﴾ مَا لَكُمْ لَا

پهچايو. ۽ توهان انهن کي بيهاريو بيشڪ انهن کان پڇيو ويندو. توهان کي ڇا ٿيو جو توهان

تَنَاصَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَاَقْبَلَ

هڪ ٻئي جي مدد نه ٿا ڪريو. بلڪ اهي ان ڏينهن عاجز هوندا. ۽ اهي هڪ ٻئي کي

بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ

سامهون ٿي پاڻ ۾ سوال جواب ڪندا. تابعدار پنهنجي اڳواڻن کي چوندا ته بيشڪ توهان

تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٩﴾

اسان کي گمراهي[2] تي مجبور ڪيو. اڳواڻ سندن تابعدارن کي چوندا بلڪ توهان پاڻ مؤمن نه هئا.

وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ۚ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿٣٠﴾

۽ اسان جي توهان تي ڪا به زبردستي ڪانه هئي، بلڪ توهان پاڻ سرڪش قوم هئا.

فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ ۖ اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا

پوءِ اسان سڀني تي اسان جي رب جو قول سچو ٿيو، بيشڪ اسان سڀئي عذاب چکيندڙ آهيون. پوءِ بيشڪ اسان توهان کي گمراهه ڪيو بيشڪ

غٰوِيْنَ ﴿٣٢﴾ فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا

اسان به گمراهه هئاسين. پوءِ بيشڪ اهي اُن ڏينهن (سڀئي) عذاب ۾ گڏ هوندا. بيشڪ اسان

كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ

سڀني مجرمن سان ائين ئي ڪنداسين. بيشڪ اهي اُهي آهن جو جنهن وقت انهن کي چيو وڃي ٿو ته توهان

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ۙ يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئو ته (اهي) تڪبر ڪن ٿا. ۽ چون ٿا ته ڇا اسين پنهنجي معبودن کي

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير مظهري.

اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿٣٦﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ

هڪ مجنون شاعر جي چوڻ تي ڇڏي ڏيون . بلڪ رسولِ عربي حق آندو ۽ ٻاڻ ڪريمن سچي

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَمَا

پيغمبرن جي تصديق ڪئي . بيشڪ توهان يقيناً درد ناڪ عذاب چکيندڙ آهيو ۽ توهانکي نہ

تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾

جزا ڏني ويندي مگر جيڪو توهان عمل ڪندا هئا . مگر جيڪي (مؤمن) الله جا مخلص ٻانها آهن .

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤١﴾ فَوَاكِهُ ۚ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ فِيْ

انهن لاءِ رزقِ معلوم (مشهور[1] طعامن وارو) آهي . ميوا هوندا ، انهن جي تعظيم ۽ تڪريم هوندي . اهي

جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٤٣﴾ عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٤﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ

جنت النعيم ۾ تختن تي هڪ ٻئي جي سامهون هوندا . انهن جي سامهون سفيد شراب

بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿٤٥﴾ بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٤٦﴾ لَا فِيْهَا

جا پرين پيالا پيش ڪيا ويندا . جيڪي پيئندڙن لاءِ بيحد لذيذ هوندا . نہ ان ۾ ڪا

غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ

خرابي هوندي ۽ نہ اُن جي ڪري عقل ۾ ڪمي ايندي . ۽ بهشتين وٽ (حسين وجميل) حورون هونديون جن جو نگاهون هوميٽ

عِيْنٌ ﴿٤٨﴾ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٤٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى

هونديون انهن جون اکيون وڏيون هونديون . گويا ڪ اُهي پوشيده بيضا آهن . پوءِ (بهشت ۾ بهشتي) هڪ ٻئي ڏانهن متوجه ٿي

بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٥٠﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّيْ كَانَ

پنهنجو پاڻ ۾ گالهيون ڪندا . انهن مان هڪ بهشتي چوندو (دنيا ۾) منهنجو هڪ

لِيْ قَرِيْنٌ ﴿٥١﴾ يَّقُوْلُ اَئِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِيْنَ ﴿٥٢﴾

گهاٽو دوست هو . اهو چوندو هو تہ ڇا تون (آخرت تي) ايمان رکندڙن مان آهين .

[1] تفسير ابن عباس . [2] تفسير جلالين . [3] تفسير روح البيان . [4] تفسير مظهري .

ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ هَلْ

ڇا اسين جنهن وقت مَري مِٽي ۽ هڏا ٿيندا سين ڇا اسان کي اُن وقت سزا ۽ جزا ملندي. اهو چوندو ڇا

اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِيْ سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٥٥﴾ قَالَ

توهان (اُن کي) جهاتي پائي ڏسندا. پوءِ جهاتي پاتائين پوءِ اُن کي جهنم جي وچ[1] ۾ ڏٺائين. اهو چوندو

تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ ﴿٥٦﴾ وَلَوْلَا نِعْمَةُ رَبِّيْ لَكُنْتُ مِنَ

بخدا تون ته عن قريب مون کي هلاڪ ڪرين ها. ۽ جيڪڏهن منهنجي رب جي نعمت نه هجي ته آئون به

الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَمَا نَحْنُ بِمَيِّتِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى

عذاب ڪيلن مان هجان هان. درحقيقت[2] اسين پهرين موت کان سواءِ (بهشت ۾) نه مرندا سين

وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٠﴾

۽ نه ئي اسان عذاب ڪيلن مان ٿيندا سين. بيشڪ هيءُ (بهشت جي دائم زندگي) عظيم ڪاميابي آهي.

لِمِثْلِ هٰذَا فَلْيَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿٦١﴾ اَذٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا اَمْ

انهن (دائمي نعمتن[3] لاءِ) پوءِ عمل ڪندڙ ڀلي ته عمل ڪن. ڇا اها بهتر مهماني آهي يا

شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿٦٢﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٣﴾ اِنَّهَا شَجَرَةٌ

ٿوهر جو (سخت ڪڙو) وڻ؟ بيشڪ اسان اُن کي ظالمن لاءِ آزمائش بنايو آهي. بيشڪ اهو هڪ وڻ

تَخْرُجُ فِيْٓ اَصْلِ الْجَحِيْمِ ﴿٦٤﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٦٥﴾

آهي جيڪو جهنم جي تري مان نڪري ٿو. اُن جون ٽاريون شيطانن جي مَٿن جهڙيون آهن.

فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٦٦﴾ ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ

پوءِ بيشڪ اُهي جهنمي اُن مان کائيندا پوءِ اُن مان اُهي پنهنجا پيٽ ڀريندا. ان کان پوءِ بيشڪ انهن لاءِ

عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٦٧﴾ ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَاِلَى الْجَحِيْمِ ﴿٦٨﴾

اُن جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي هوندو. اُن کان پوءِ بيشڪ انهن جي واپسي يقيناً باهه ڏانهن هوندي.

[1] تفسير جامع البيان. [2] استفهام تقريري. تفسير مظهري. [3] تفسير جامع البيان.

إِنَّهُمْ أَلْفَوْا آبَاءَهُمْ ضَالِّينَ ﴿٦٩﴾ فَهُمْ عَلَىٰ آثَارِهِمْ يُهْرَعُونَ ﴿٧٠﴾

بيشڪ انهن پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي گمراهه لڌو . پوءِ اهي (بغيرسوچڻ سمجهڻ جي) انهن جي پويان ڊوڙن ٿا.

وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ أَكْثَرُ الْأَوَّلِينَ ﴿٧١﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا فِيهِمْ

۽ بيشڪ انهن کان اڳ پر اڪثر پهريان گمراهه ٿيا . ۽ بيشڪ اسان انهن ۾

مُنْذِرِينَ ﴿٧٢﴾ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِينَ ﴿٧٣﴾ إِلَّا

پيغمبر موڪليا . پوءِ توهان ڏسو ترجن کي ڊيڄاريو ويو انهن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي . مگر

عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ﴿٧٤﴾ وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ

اهي الله جا بانها جيڪي مخلص آهن . ۽ بيشڪ اسان کي نوح (پيغمبر) پڪاريو، پوءِ اسين بهترين

الْمُجِيبُونَ ﴿٧٥﴾ وَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيمِ ﴿٧٦﴾

پُڇارِ ڏندڙ آهيون . ۽ اسان اُن کي ۽ سندس[1] پيروي ڪندڙن کي وڏي تڪليف کان نجات ڏني .

وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ هُمُ الْبَاقِينَ ﴿٧٧﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي

۽ اسان سندس اولاد کي ئي باقي (هن دنيا ۾) رکيو . ۽ اسان پوين مانهن ۾ سندس

الْآخِرِينَ ﴿٧٨﴾ سَلَامٌ عَلَىٰ نُوحٍ فِي الْعَالَمِينَ ﴿٧٩﴾ إِنَّا كَذَٰلِكَ

شهرت[2] رکي . (اسان جي طرفان) نوح پيغمبر تي سلام آهي جهانن ۾ . بيشڪ اسين اهڙيءَ طرح

نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿٨٠﴾ إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِينَ ﴿٨١﴾ ثُمَّ

نيڪوڪارن کي جزاءِ خير ڏيندا آهيون . بيشڪ اهو اسان جي خاص مؤمن بندن مان هو - اُن کان پوءِ

أَغْرَقْنَا الْآخَرِينَ ﴿٨٢﴾ وَإِنَّ مِنْ شِيعَتِهِ لَإِبْرَاهِيمَ ﴿٨٣﴾ إِذْ

اسان بين کي غرق ڪيو . ۽ بيشڪ ان جي تابعدارن مان (حضرت) ابراهيم هو . جنهن وقت

جَاءَ رَبَّهُ بِقَلْبٍ سَلِيمٍ ﴿٨٤﴾ إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَاذَا

اهو پنهنجي رب وٽ خلوص دل سان حاضر ٿيو. جنهن وقت ان پنهنجي چاچي ۽ پنهنجي قوم کي چيو توهان

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير مظهري.

تَعْبُدُوْنَ ﴿۸۵﴾ اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ ﴿۸۶﴾ فَمَا ظَنُّكُمْ

چاڇي عبادت ڪريوٿا ؟ ڇا توهان الله تعالىٰ کان سواءِ ڪوڙن بتن جي پوڄا ڪريو ٿا . پوءِ توهان جو

بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۷﴾ فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ ﴿۸۸﴾ فَقَالَ

رب العلمين لاءِ ڪمزور گمان آهي. پوءِ اُن هڪ نگاهه سان تارن ۾ ڏٺو . پوءِ چيو ته

اِنِّيْ سَقِيْمٌ ﴿۸۹﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ﴿۹۰﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى

بيشڪ آئون بيمار ٿيندڙ آهيان[1] پوءِ (قوم وارا) اُن کان مُنهن موڙي هليا ويا . پوءِ ماڻ ۾ پاڻ

اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۹۱﴾ مَا لَكُمْ لَا

قوم جي بتن ڏانهن مونٽيا، پوءِ پاڻ (بُتن کي ٺٺولي[2] ڪندي چوڻ لڳو ته ڇا توهان نه ٿا کائو ؟ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان

تَنْطِقُوْنَ ﴿۹۲﴾ فَرَاغَ عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِيْنِ ﴿۹۳﴾ فَاَقْبَلُوْٓا

ڳالهايو نه ٿا . پوءِ ڪجهي طرح ابراهيم انهن (بُتن) کي ساڄي هٿ سان سخت ڏڪ هنيا. پوءِ سندس قوم وارا

اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿۹۴﴾ قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ ﴿۹۵﴾ وَاللّٰهُ

اُن ڏانهن ڊوڙي آيا . ابراهيم چيو ڇا توهان انهن (بُتن) جي پوڄا ڪريو ٿا جيڪي توهان هٿن سان گھڙيو ٿا . ۽ الله تعالىٰ

خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾ قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ

توهان کي پيدا ڪيو ۽ اُن کي جيڪي توهان عمل ڪريو ٿا. قوم وارن چيو اُن لاءِ هڪ عمارت تيار ڪريو پوءِ اُن کي انهي

فِي الْجَحِيْمِ ﴿۹۷﴾ فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿۹۸﴾

باهه ۾ اُڇليو . پوءِ اُنهن ابراهيم لاءِ هڪ رٽ رٽي پوءِ اسان انهن کي ذليل ڪيو.

وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿۹۹﴾ رَبِّ هَبْ

۽ ابراهيم چيو بيشڪ آئون پنهنجي رب ڏانهن هجرت ڪندڙ آهيان (اُهوئي) مونکي جلد هدايت ڏيندو. ابراهيم عرض ڪيو اي منهنجي

لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰۰﴾ فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿۱۰۱﴾

رب تون مون کي صالح اولاد عطا ڪر . پوءِ اسان اُن کي هڪ بردبار ۽ عقلمند پُٽ (اسماعيل) جي بشارت ڏني

[1] تفسير روح البيان. [2] تفسير جلالين.

فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ

پوءِ جڏهن اهوان سان گڏ ڪم ڪرڻ جهڙو ٿيو (جوان ٿيو) ابراهيم چيو اي منهنجا پٽ بيشڪ آئون خواب ۾ ڏسان ٿو ته بيشڪ آئون

اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ز

تو کي ذبح ڪريان پيو پوءِ تون ڏس ته تنهنجو رايو چا آهي. اسماعيل عرض ڪيو اي منهنجا پيءُ توهان کي ايئن ڪرڻ جيئن توهان کي امر ڪيو ويو آهي

سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ فَلَمَّآ اَسْلَمَا

اِنْ شَاءَ اللّٰهُ عَنْ قريب توهان مون کي صبر ڪندڙ ن مان لهندا. پوءِ جڏهن ٻئي متفق ٿيا

وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿١٠٣﴾ ۚ وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿١٠٤﴾ قَدْ صَدَّقْتَ

۽ اسماعيل کي پيشاني ڀر ليٽايو. اسان ندا ڏني ته اي ابراهيم ، بيشڪ تو خواب کي سچو

الرُّءْيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٠٥﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ

ڪري ڏيکاريو. بيشڪ اسين نيڪوڪارن کي اهڙيءَ طرح جزاءِ خير ڏيندا آهيون. بيشڪ هي

الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ﴿١٠٦﴾ وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠٧﴾ وَتَرَكْنَا

صاف آزمائش هئي . ۽ اسان هڪ وڏو سڪن وارو دنبو اُن جي فديه (عيوض) ۾ ڏنو. ۽ اسان پوين ماڻهن

عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿١٠٩﴾ كَذٰلِكَ نَجْزِي

۾ ان جو ذڪر خير باقي رکيو . اسان جي طرفان ابراهيم پيغمبر تي سلام آهي. اسين اهڙيءَ طرح نيڪوڪارن

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١١٠﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١١﴾ وَبَشَّرْنٰهُ

کي جزاءِ خير ڏيندا آهيون. بيشڪ اهو اسان جي خاص مؤمن بندن مان هو . ۽ اسان اُن کي (پٽي پٽ)

بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٢﴾ وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى

اسحاق جي بشارت ڏني جيڪو صالح نبين مان هو . ۽ اسان برڪت موڪلي اُن تي ۽

اِسْحٰقَ ؕ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ﴿١١٣﴾ ع ٢٠

اسحاق تي، ۽ انهن ٻنهي جي اولاد مان کي مُحسن (نيڪوڪار) آهن ۽ کي پنهنجي نفس تي صاف ظلم ڪندڙ آهن .

له تفسير مظهري .

وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ۚ﴿١١٤﴾ وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا

۽ بيشڪ اسان موسيٰ ۽ هارون تي ٿورو ڪيو (نبوت ۽ نعمتون[1] عطا ڪيون) ۽ اسان انهن ٻنهي کي ۽ سندن قوم کي

مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ۚ﴿١١٥﴾ وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ۚ﴿١١٦﴾

وڏي مصيبت کان نجات ڏني . ۽ اسان انهن جي مدد فرمائي پوءِ اهي ئي غالب ٿيا .

وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ۚ﴿١١٧﴾ وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ

۽ اسان انهن ٻنهيءَ کي روشن ڪتاب (توراة[2]) عطا ڪيو . ۽ اسان انهن ٻنهيءَ کي صراطِ مستقيم

الْمُسْتَقِيْمَ ۚ﴿١١٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْاٰخِرِيْنَ ۙ﴿١١٩﴾ سَلٰمٌ عَلٰى

تي هلايو . ۽ سندن تعريف پوين ماڻهن ۾ باقي رکي . اسان جي طرفان موسيٰ ۽

مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢١﴾

هارون پيغمبرن تي سلام آهي . بيشڪ اسان نيڪوڪارن کي اهڙيءَ طرح جزاءِ خير ڏيندا آهيون .

اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ

بيشڪ اهي ٻئي اسان جي خاص مؤمن بندن مان هئا . ۽ بيشڪ الياس رسولن

الْمُرْسَلِيْنَ ؕ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا

مان هو . جنهن وقت ان پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان خدا جو خوف نه ٿا ڪريو ڇا توهان گابي[3] جي عبادت ڪريو ٿا

وَّتَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ۙ﴿١٢٥﴾ اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ

۽ توهان اَحْسَنُ الخَالِقِينَ کي ڇڏيو ٿا . الله تعالىٰ توهانجو رَبُّ ۽ توهان جي پهرين پيءُ ڏاڏن

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٢٦﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ

جو رَبُّ آهي . پوءِ انهن اُن کي ڪوڙو سمجهو پوءِ بيشڪ اهي ضرور (عذاب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا . سواءِ انهن ماڻهن جي

الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۙ﴿١٢٩﴾ سَلٰمٌ عَلٰٓى

جيڪي الله جا مخلص بندا آهن . ۽ اسان پوين ماڻهن ۾ اُن جي تعريف باقي رکي . اسان جي طرفان سلام آهي

[1] تفسير جامع البيان . [2] تفسير بيضاوي . [3] تفسير جلالين وبيضاوي . (منزل ٦)

اِلْ يَاسِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣١﴾ اِنَّهٗ مِنْ

الياس پيغمبر تي - بيشڪ اسين اهڙيءَ طرح نيڪوڪارن کي جزاءِ خير ڏيندا آهيون. بيشڪ اهو اسان جي

عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ وَاِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٣﴾ ؕ اِذْ

خاص مؤمن بندن مان هو. ۽ بيشڪ لوط رسولن مان هو. عذاب وقت

نَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٤﴾ ۙ اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ

اسان اُن کي ۽ سندس سڀ گهروارن کي نجات ڏني. مگر هڪ پوڙهي جيڪا پوئتي رهلين مان هئي. ان کانپوءِ

دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَاِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٧﴾ ۙ وَ

اسان ٻين کي هلاڪ ڪيو. ۽ بيشڪ توهان (انهن جي عذاب ڪيل ڳوٺن تان) ڏينهن ۽ رات جو

بِالَّيْلِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ ع وَاِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾ ؕ اِذْ ع ٤ ٢٥ ٨

منيو ٿا، ڇا پوءِ توهان کي عقل ناهي. ۽ بيشڪ يونس رسولن مان هو. رسولِ عربي توهان يا دڪريو جنهن وقت

اَبَقَ اِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾ ۙ فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ

پاڻ ڀريل ٻيڙيءَ ڏانهن نڪتو. پوءِ پاڻ قرعه اندازي (ڪُٽو وجهڻ) ۾ انهن سان شامل ٿيو پوءِ

الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾ ۚ فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾ فَلَوْلَآ

پاڻ ناڪام[1] ٿيو (۽ کين پاڻي ۾ اڇليو ويو). پوءِ کين وڏي مڇي ڳهي ڇڏيو پوءِ پاڻ پاڻ تي پشيمان ٿيو. پوءِ جيڪڏهن

اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾ ۙ لَلَبِثَ فِيْ بَطْنِهٖٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ ۚ النصف

تحقيق اهو الله جي تسبيح ڪندڙن مان نه هجي ها ته اُهو يقيناً مڇيءَ جي پيٽ ۾ قيامت تائين هجي ها.

فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ ۚ وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ

پوءِ اسان ان کي ميدان ۾ رکرايو ۽ پاڻ جسماني طور[2] عليل هئا. اسان ان تي ڪدوءَ جو وڻ (ڇانو[3] وغيره لاءِ)

يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ ۚ وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ ۚ

ڦٽايو. ۽ اسان اُن کي هڪ لک يا زياده ماڻهن ڏانهن رسول ڪري موڪليو.

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير روح البيان.

فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۴۸﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ

پوءِ انهن ايمان آندو پوءِ اسان انهن کي سڏن زندگيءَ تائين فائدو پهچايو. پوءِ رسول عربي توهان انهن کان پڇو ته توهان جي رب لاءِ نياڻيون آهن

وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ

۽ انهن لاءِ پٽ آهن . يا اسان ملائڪن کي مؤنث ڪري پيدا ڪيو ۽ اهي پاڻ

شٰهِدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ وَلَدَ اللّٰهُ

(اُن تي) گواهه آهن. خبردار بيشڪ اهي پنهنجي بهتان سان ضرور چوندا ته الله تعالىٰ کي اولاد آهي

وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ اَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ مَا لَكُمْ

۽ بيشڪ اهي چوندڙ ڪوڙا آهن. يا انهن اُن نياڻين کي پٽن کان بهتر ڪيو آهي . توهان کي ڇا ٿيو آهي

كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۵﴾ اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ

جو توهان ڪوڙو فيصلو ڪريو ٿا. يا پوءِ توهان نه ٿا سمجهو . يا توهان وٽ ڪا واضح حجت

مُّبِيْنٌ ﴿۱۵۶﴾ فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۵۷﴾ وَجَعَلُوْا

آهي ته پوءِ توهان پنهنجو ڪتاب (توراة) آڻيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ۽ انهن مشرڪن

بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ؕ وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ

الله تعالىٰ ۽ جنن جي وچ ۾ نسب (مائٽي) قائم ڪيو ، ۽ بيشڪ جنّ ڄاڻن ٿا ته تحقيق اهي يقيناً

لَمُحْضَرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ

(حساب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا. الله تعالىٰ انهن جي لڳايل وصفن کان پاڪ آهي. مگر الله تعالىٰ جا مخلص

الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ فَاِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ

بنده (اهي ان کان پري آهن) . پوءِ بيشڪ توهان (مشرڪ) ۽ توهان جا معبود . ڪنهن انسان کي خدا تعالىٰ جي خلاف

بِفٰتِنِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۶۳﴾ وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ

گمراهه ڪري نه ٿا سگهو. مگر ان انسان کي جيڪو باهه ۾ پوندڙ آهي . ۽ ملائڪ چون ٿا انسان مان هر هڪ (عبادت لاءِ)

۱ تفسير مظهري. ۲ تفسير جلالين .

مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿۱۶۴﴾ وَّاِنَّا لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ ﴿۱۶۵﴾ وَاِنَّا لَنَحْنُ

مَقامَ معلوم آهي . ۽ بيشڪ اسين (عبادت وقت) صفون ٻڌندڙ آهيون . ۽ بيشڪ اسين

الْمُسَبِّحُوْنَ ﴿۱۶۶﴾ وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۶۷﴾ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا

الله جي تسبيح ڪندڙ آهيون . ۽ بيشڪ مڪي وارا رسالت جي دور کان اڳ چوندا هئا ته ڪاش جيڪڏهن اسان وٽ پهرين ماڻهن

مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۶۸﴾ لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۹﴾ فَكَفَرُوْا بِهٖ

جي ڪا نصيحت پهتل هجي ها ته اسين يقيناً الله جا مخلص بندا هجون ها . پوءِ انهن ان کي نه مڃيو

فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۷۱﴾

پوءِ جلد ڪين معلوم ٿيندو . ۽ بيشڪ اسان جي ڪالهه پنهنجي رسولن لاءِ سچي ثابت ٿي .

اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿۱۷۲﴾ وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿۱۷۳﴾

ته بيشڪ انهن جي مدد ڪئي ويندي . ۽ بيشڪ اسان جو ئي لشکر غالب ٿيندو .

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۱۷۴﴾ وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۷۵﴾

پوءِ توهان انهن کان ڪجهن وقت تائين پاسو ڪريو . ۽ توهان انهن کي ڏيکاريو پوءِ جلد اهي ڏسندا .

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۱۷۶﴾ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ

ڇا پوءِ اهي اسان جي عذاب لاءِ تڪڙ ڪن ٿا . پوءِ جڏهن وقت عذاب سندن آڱڻ ۾ ايندو پوءِ

صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۱۷۷﴾ وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۱۷۸﴾ وَّاَبْصِرْ

اهو صبح ڏيڃاريلن لاءِ تمام خراب هوندو . ۽ توهان انهن کان ڪجهن وقت تائين پاسو ڪريو . ۽ توهان انتظار ڪريو

فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾

پوءِ جلد اهي ڏسندا . توهان جي رب جي پاڪائي آهي جيڪو رب العزت آهي اُهو انهن جي وصف کان پاڪ آهي .

وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

۽ رسولن تي سلام آهي . ۽ سڀئي تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو رب آهي جهانن جو .

ع ۵

له تفسير مظهري . ۲ه تفسير روح البيان .

اٰيَاتُهَا ٨٨ (٣٨) سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ (٣٨) رُكُوْعَاتُهَا ٥

سورة صٓ مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ٥، رڪوع ۽ ٨٨، آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي).

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِي الذِّكْرِ ؕ ﴿١﴾ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ

صٓ[1] قسم آهي قرآن ڪريم جو جيڪو نصيحتن سان ڀريل[2] آهي. پر اهي ڪافر

عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ﴿٢﴾ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ

وڏائيءَ ۽ مخالفت ۾ آهن. اسان انهن کان اڳ ۾ ڪيتريون قومون هلاڪ ڪيون

فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ ﴿٣﴾ وَعَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ

پوءِ انهن پڪاريو ۽ اهو وقت نجات جو نه هو. ۽ اهي عجب ڪن ٿا جو انهن مان

مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ ز وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ

رسولِ عربي تشريف فرما ٿيا، ۽ ڪافرن چيو هيءُ جادوگر (۽) وڏو ڪوڙ

كَذَّابٌ ۖ ﴿٤﴾ اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۖ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ

ڳالهائيندڙ آهي. ڇا ان گهڻن معبودن کي هڪ الله بنايو آهي. بيشڪ هي شيءُ

عُجَابٌ ﴿٥﴾ وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا

عجيب[3] آهي. ۽ انهن (قريشن) مان سردار روانا ٿيا (۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا) ته توهان هلو ۽ توهان پنهنجي معبودن

عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ ۖ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ يُّرَادُ ۖ ﴿٦﴾ مَا سَمِعْنَا

(جي عبادت) تي صبر ڪريو. بيشڪ هن (توحيد ۽ رسالت) ۾ سندس ڪو مطلب آهي. هيءُ ڳالهه ته

بِهٰذَا فِي الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۖ اِنْ هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ ۖ ﴿٧﴾

اسان عيسائيت ۾ به نه ٻڌي، هيءُ ته فقط هٿرادو ڪوڙ ٺاهيل آهي.

[1] حرف مقطعات آهي، هن جي معنيٰ الله تعالىٰ، الله جي رسول ۽ الله وارن ڏجي، تفسير روح البيان. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير جلالين. (منزل ٦) کي معلوم آهي. هيءُ هڪ راز آهي ان ڪري راز کي راز ۾ رهڻ ڏجي. [4] تفسير بيضاوي.

ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِيْ ۚ

ڇا اسان جي وچان رسول عربيءَ تي قرآن ڪريم[1] نازل ڪيو ويو؟ بلڪ اهي منهنجي قرآن ڪريم کان شڪ ۾ آهن

بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ؕ ﴿٨﴾ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ

بلڪ انهن اڃان منهنجو عذاب نه چکيو آهي. ڇا انهن وٽ توهان جي رب جي رحمت جا خزانا آهن جيڪو

الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۚ ﴿٩﴾ اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا

غالب (۽) گهڻو بخشيندڙ آهي. ڇا انهن لاءِ آسمانن ۽ زمينن ۽ ٻنهيءَ جي وچ ۾ بادشاهي

بَيْنَهُمَا قف فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ﴿١٠﴾ جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ

آهي؟ پوءِ انهن کي گهرجي ته ڏاڪڻ رکي آسمان تي چڙهن. هيءُ اهو وڏن لشڪرن مان قليل لشڪر[2] آهي جنهن کي

مِّنَ الْاَحْزَابِ ﴿١١﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ

عن قريب شڪست ڏني ويندي. انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم تڪذيب ڪئي ۽ عادُ ۽ فرعون وارا

ذُو الْاَوْتَادِ ۙ ﴿١٢﴾ وَثَمُوْدُ وَقَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ ؕ اُولٰٓئِكَ

جيڪي مضبوط[3] عمارتون ٺاهيندا هئا. ۽ ثمود ۽ لوطُ جي قوم ۽ شعيب[4] جي قوم، (اهي آهن)

الْاَحْزَابُ ﴿١٣﴾ اِنْ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ﴿١٤﴾ ع وَمَا

اُهي گروهه. انهن مان هر هڪ (گروهه) رسولن جي تڪذيب ڪئي پوءِ (انهن تي) منهنجو عذاب ثابت ٿيو. ۽ نه ٿا

يَنْظُرُ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ ﴿١٥﴾ وَقَالُوْا رَبَّنَا

انتظار ڪن اهي مگر هڪ وڏي دانهن جو اُن کي ڪو به ڦيرائي نه ٿو سگهي. ۽ انهن چيو اي اسان جا رب

عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ ﴿١٦﴾ اِصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ

تون اسان کي اسان جو حصو قيامت جي ڏينهن کان اڳ ۾ ڏي. رسول عربي توهان انهن جي ڳالهين تي صبر ڪريو ۽ توهان

اذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿١٧﴾ اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ

اسان جي طاقتور ٻانهي داؤد جو ذڪر ڪريو، بيشڪ اهو الله ڏانهن رجوع ڪندڙ هو. بيشڪ اسان اُن سان جبل مسخر ڪيا

ع ١ ١٤ ١٠

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير مظهري. [4] تفسير روح البيان وتفسير تنوير المقباس وتفسير ابن عباس.

يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ ﴿١٨﴾ وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗٓ

جيڪي شام ۽ اشراق وقت الله جي تسبيح پڙهندا هئا. ۽ پکي به گڏ ٿيندا هئا ، سڀئي اُن جا

اَوَّابٌ ﴿١٩﴾ وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ وَفَصْلَ الْخِطَابِ ﴿٢٠﴾

فرمانبردار هوندا هئا. ۽ اسان ان جي مُلڪ کي مضبوط بنايو ۽ اسان اُن کي حڪمت ۽ فيصلي جي صلاحيت[1] عطا ڪئي.

وقف لازم

وَهَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ﴿٢١﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى

۽ ڇا توهان وٽ انهن فيصلي آڻيندڙن جي خبر پهتي؟ جنهن وقت اهي قلعو ٽپي مسجد ۾ پهتا. جڏهن اهي دائود وٽ

دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ

پهتا پوءِ پاڻ انهن کان ڊنا، انهن چيو تون خوف نه ڪر اسان ٻه ڌريون آهيون اسان مان هڪڙي ڌريءَ تي زيادتي ڪئي آهي

فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ ﴿٢٢﴾

پوءِ تون اسان جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪر ۽ تون ناانصافي نه ڪر ۽ تون اسان کي سنئين رستي تي هلاءِ.

اِنَّ هٰذَآ اَخِيْ قف لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ قف

بيشڪ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، اُن جون نوانوي (٩٩) دُنبيون آهن ۽ منهنجي هڪ دُنبي آهي،

فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ ﴿٢٣﴾ قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ

پوءِ اهو چوي ٿو ته اها به مون کي ڏي ۽ ڳالهائڻ ۾ اهو مون تي حاوي ٿئي ٿو. دائود فرمايو بيشڪ اهو تو تي ظلم ڪري ٿو

بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ

اهو سوال ڪري ٿو ته تون پنهنجي دنبي ان جي دُنبين سان ملائين ۽ بيشڪ گهڻا ڀائيوار[2]

لَيَبْغِيْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

هڪ ٻئي تي زيادتي ڪن ٿا ، مگر اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا

وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ ؕ وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ

۽ اهي تمام قليل آهن. ۽ دائود کي يقين ٿيو ته اسان سندس آزمائش ورتي پوءِ پاڻ پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪئي ۽ پاڻ

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير جلالين.

السجدة ١٠

رَاكِعًا وَّاَنَابَ ﴿٢٤﴾ السجدة فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَ

سجدي ۾ ڪري پيا ۽ الله ڏانهن موٽيا. پوءِ اسان ان کي اها ڳالهه معاف ڪئي، ۽ بيشڪ اُن لاءِ اسان وٽ يقيناً قرب ۽

حُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٢٥﴾ يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ

بهترين منزل آهي. اي داؤد بيشڪ اسان توکي زمين ۾ (پنهنجو) نائب بنايو

فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ

پوءِ توهان ماڻهن جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪريو ۽ توهان سَڌ جي پويان نه وڃو پوءِ اُها توهان کي

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ

الله جي راهه کان پري ڪري ڇڏيندي. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ جي راهه کان پري ٿين ٿا انهن لاءِ

عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿٢٦﴾ ع وَمَا خَلَقْنَا

(انهيءَ سببان) سخت عذاب آهي جو انهن حساب وارو ڏينهن (قيامت) وساري ڇڏيو. ۽ اسان آسمانن

السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ؕ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ

۽ زمينن ۽ انهن جي وچ واري (ڪائنات[1]) کي حڪمت کان خالي نه بنايو، اهو ڪافرن جو

كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ﴿٢٧﴾ ؕ اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ

گُمان آهي. پوءِ ڪافرن لاءِ جهنم جو ويل آهي. ڇا اسين انهن ماڻهن کي

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ ز اَمْ نَجْعَلُ

جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن جهڙو ڪندا سين جيڪي زمين ۾ فساد ڪندڙ آهن يا اسين

الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ﴿٢٨﴾ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَ

پرهيزگارن کي گنهگارن جهڙو ڪندا سين. (هيءُ) هڪ مُبارڪ ڪتاب آهي جيڪو اسان توهان تي نازل ڪيو آهي، ان لاءِ ته ان جي آيتن ۾ غور ڪن ۽

لِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٩﴾ وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٣٠﴾ ؕ

ان مان عقلمند نصيحت وٺن. ۽ اسان داؤد کي سليمان عطا ڪيو جيڪو بهترين بندو هو بيشڪ اهو الله ڏانهن گهڻو رجوع ڪندڙ هو.

ع ٢ ١٢ ١١

[1] تفسير مظهري.

اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ﴿٣١﴾ فَقَالَ اِنِّيْٓ اَحْبَبْتُ

جڏهن اُن جي اڳيان شام جي وقت اعليٰ نسل جا پلا گهوڙا پيش ڪيا ويا. ۽ سليمان چيو بيشڪ مون کي اهي گهوڙا

حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ﴿٣٢﴾ رُدُّوْهَا

وڻ تا پنهنجي رب جي ياد لاءِ (پوءِ سليمانؑ انهن کي ڊوڙائڻ جو حڪم ڪيو) ايستائين جو اهي غائب ٿي ويا. (سليمانؑ حڪم ڪيو) انهن کي

عَلَيَّ ۭ فَطَفِقَ مَسْحًۢا بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا

مون ڏانهن واپس آڻيو. پوءِ پاڻ انهن جي ٽنگن ۽ ڳچين تي هٿ قيرائڻ لڳا. ۽ بيشڪ اسان سليمان کي

سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰي كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿٣٤﴾ قَالَ

آزمايو ۽ اسان اُن جي (شاهي) ڪرسيءَ تي هڪ بي جان جسم وهاريو اُن کان پوءِ پاڻ توبه تائب ٿيو. سليمان چيو

رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ

اي منهنجا رب تون مون کي بخشي ڪر ۽ تون مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو مون کان پوءِ ايها ڪنهن کي نه ملي،

اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿٣٥﴾ فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ

بيشڪ تون ئي گهڻو عطا ڪندڙ آهين. پوءِ اسان ان لاءِ هوا فرمانبردار ڪئي جيڪا سندس حڪم سان

رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ﴿٣٦﴾ وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّاۗءٍ وَّغَوَّاصٍ ﴿٣٧﴾ وَّ

آهستگيءَ سان ان جاءِ تي هلندي هئي جتي پاڻ چاهيندو هو. ۽ جن به سندس فرمانبردار ٿيا يعني هر تعمير ڪندڙ ۽ غوطا هڻي موتي ڪڍندڙ ۽

اٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿٣٨﴾ هٰذَا عَطَاۗؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ

ٻيا (شرير جن) زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا هئا. هي اسان جي اُن کي عطا آهي پوءِ تون ڪنهن کي

اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٩﴾ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٤٠﴾

ڏين يا نه ڏين توتي ڪو حساب ناهي. ۽ بيشڪ ان لاءِ اسان وٽ يقيناً قرب ۽ بهترين منزل آهي.

وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ ۘ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الشَّيْطٰنُ

۽ رسول عربي توهان اسانجي ٻانهي ايوب کي ياد ڪريو جنهن وقت ان پنهنجي رب کي پڪاريو ته بيشڪ مون کي شيطان

وقف لازم

ع ٤ ٢ ٣

١ تفسير مظهري. ٢ تفسير ڪبير للعلامه رازي. ٣ تفسير جلالين. (منزل ٦) ٤ ۽ ٥ تفسير مظهري.

بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ ﴿٤١﴾ اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّ

تڪليف ۽ درد پهچايو آهي (الله تعالىٰ فرمايو) تون پنهنجو پير زمين تي هڻ. هيءُ آهي[1] ٿڌو چشمون وهنجڻ ۽

شَرَابٌ ﴿٤٢﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى

پيئڻ لاءِ . ۽ اسان اُن کي سندس گهروارا ۽ اوترا ٻيا پنهنجي رحمت سان عطا ڪيا ۽ (اها) عقلمندن

لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٤٣﴾ وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا

لاءِ نصيحت آهي . ۽ (اسان ان کي فرمايو ته) تون پنهنجي هٿ ۾ ٻهاروکڻ پوءِ اهو تون اُن کي هڻ ۽ تون پنهنجو

تَحْنَثْ ؕ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٤٤﴾ وَاذْكُرْ

قسم نه ٽوڙ ، بيشڪ اسان اُن کي صابر ڏٺو ، ايوب ڪهڙو نه بهترين ٻانهو هو ، بيشڪ اهو الله تعالىٰ ڏانهن موٽندڙ هو ۽ رسول عربي

عِبٰدَنَآ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ اُولِي الْاَيْدِيْ وَالْاَبْصَارِ ﴿٤٥﴾

توهان اسان جي ٻانهي ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جو ذڪر ڪريو جيڪي صاحب قدرت ۽ صاحب بصيرت هئا.

اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ﴿٤٦﴾ ۚ وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ

بيشڪ اسان انهن کي آخرت جي خالص ذڪر لاءِ مخلص بنايو. ۽ بيشڪ اهي اسان وٽ يقيناً

الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٧﴾ ؕ وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ ؕ

برگزيده (۽) ڀلارا هئا . ۽ رسول عربي توهان اسماعيل ۽ يَسَعُ ۽ ذوالْڪِفْلِ (پيغمبرن) جو ذڪر ڪريو.

وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٨﴾ ؕ هٰذَا ذِكْرٌ ؕ وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٤٩﴾ ۙ

۽ (اهي) سڀئي ڀلارا هئا . هي نصيحت آهي ، ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ يقيناً سُهڻي منزل آهي .

جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ﴿٥٠﴾ ۚ مُتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا يَدْعُوْنَ

اعلىٰ قسم جي بهشت ۾ انهن (پرهيزگارن) لاءِ دروازا کليل هوندا . اهي بهشت ۾ ٽيڪ لڳائي وهندا (۽) بهشت ۾

فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ ﴿٥١﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ

گهڻن قسمن جا ميوا ۽ شرابا طهورا گهرندا . ۽ انهن وٽ هم عمر، حيادار

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير روح البيان .

الثلثة

اَتْرَابٌ ﴿٥٢﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٥٣﴾ الثلثة اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا

بيبيون آهن . هيءُ اهو آهي جنهن جو توهان سان حساب واري ڏينهن لاءِ وعدو ڪيو ويو. بيشڪ هيءُ اسانجو رزق آهي

مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ﴿٥٤﴾ هٰذَا ؕ وَاِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ﴿٥٥﴾ جَهَنَّمَ ۚ

جنهن کي ڪا[1] به فنا ناهي. (انهن لاءِ) هيءُ نعمتون آهن، ۽ بيشڪ سرڪشن لاءِ تمام خراب ٺڪاڻو آهي. يعني جهنم آهي .

يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٥٦﴾ هٰذَا ۙ فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّغَسَّاقٌ ﴿٥٧﴾

جو اهي اُن ۾ پوندا. پوءِ سندن ڪهڙي نه خراب بيٺڪ آهي هيءُ (عذاب آهي) پوءِ ڀلي ته اهي ٽهڪيل پاڻي ۽ پُون ۽ ڀين .

وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖۤ اَزْوَاجٌ ؕ ﴿٥٨﴾ هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ لَا مَرْحَبًۢا

۽ ان کان علاوه کين گهڻن قسمن[3] جا عذاب ڏنا ويندا. هيءُ هڪ ٻيو ٽولو آهي جيڪو توهان سان گڏ گرفتار آهي، ان لاءِ

بِهِمْ ؕ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿٥٩﴾ قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ قف لَا مَرْحَبًۢا بِكُمْ ؕ اَنْتُمْ

ڪا به مرحبا ناهي، بيشڪ اهي باهه ۾ ڪرندڙ آهن. اهي ڪافر پنهنجي اڳواڻن کي چوندا ته توهان لاءِ ڪا مرحبا ناهي، توهان ئي

قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا

اسان کي جهنم ۾ پهچايو، پوءِ جهنم تمام خراب ٺڪاڻو آهي. اهي تابعدار عرض ڪندا ته اي اسانجا رب جنهن به اسان کي جهنم ۾ پهچايو

فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ ﴿٦١﴾ وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا

پوءِ تون جهنم ۾ اُن تي ٻيڻو عذاب ڪر. ۽ (ڪافرن جا اڳواڻ) چوندا اسان کي ڇا ٿيو آهي جو اسين اهي ماڻهو نه ٿا ڏسون

كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ؕ ﴿٦٢﴾ اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ

جن کي اسان شرير سمجهندا هئاسين . جن سان اسين مذاق ڪندا هئاسين يا اسان جون اکيون

عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ ﴿٦٣﴾ اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ﴿٦٤﴾ ع قُلْ

انهن جي ڏسڻ کان ڦري ويون . بيشڪ اهو جهنمين جو پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ يقيناً سچ آهي. رسول عربي توهان فرمايو

اِنَّمَاۤ اَنَا مُنْذِرٌ ۖ وَّمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٦٥﴾ ۚ

آئون ته فقط ڊيڄاريندڙ آهيان، ناهي ڪو به معبود مگر الله تعالىٰ جيڪو واحد القهار آهي .

ع ٤ ٢٤ ١٣

[1] تنوير المقباس تفسير ابن عباس. [2] تفسير ابن عباس . [3] تفسير روح البيان .

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿۶۶﴾

(اهو) رب آهي آسمانن ۽ زمينن جو ۽ انهن جو جيڪي انهن ۾ ٻنهي ۾ آهي (۽ اهو) غالب ڪمال ڏيندڙ بخشيندڙ آهي

قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ﴿۶۷﴾ اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿۶۸﴾ مَا كَانَ لِيَ

(رسول عربي توهان فرمايو اهي تمام وڏيون ڳالهيون آهن، جن کان توهان منهن موڙيندڙ آهيو. مون کي ملائڪن

مِنْ عِلْمٍ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۶۹﴾ اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ اِلَّآ

جي ڪهڙي خبر جڏهن انهن (آدم جي تخليق بابت) اعتراض ڪيو ٿي . مون ڏانهن ته هي وحي ڪئي وڃي ٿي

اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۷۰﴾ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ

آڻون ته فقط صاف ڊيڄاريندڙ آهيان . (رسول عربي توهان) ياد ڪريو جڏهن وقت تو هان جي رب ملائڪن کي فرمايو بيشڪ

بَشَرًا مِّنْ طِيْنٍ ﴿۷۱﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ

آڻون هڪ بشر کي مٽي مان پيدا ڪندڙ آهيان. پوءِ آڻون جڏهن اُن کي برابر ڪريان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان

فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿۷۲﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿۷۳﴾

پوءِ توهان سڀئي اُن کي سجدو ڪجو . پوءِ جملہ سڀني ملائڪن (آدم کي) سجدو ڪيو .

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اِسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ

مگر ابليس تڪبر ڪيو ۽ ڪافرن مان[1] ٿيو . الله تعالىٰ فرمايو

يٰٓاِبْلِيْسُ مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِيَدَيَّ ؕ

اي ابليس تو کي (آدم جي) سجدي ڪرڻ کان ڪهڙي منع ڪئي جڏهن ته مون اُن کي پنهنجي هٿ سان پيدا ڪيو .

اَسْتَكْبَرْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْعَالِيْنَ ﴿۷۵﴾ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ؕ

ڇا تو کي تڪبر ٿي ، يا تون تڪبر ڪندڙ مان هُئين . ابليس چيو آڻون آدم کان بهتر آهيان

خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿۷۶﴾ قَالَ فَاخْرُجْ

تو مون کي باهه مان پيدا ڪيو ۽ تو آدم کي مٽي[2] مان پيدا ڪيو . الله تعالىٰ فرمايو پوءِ تون بهشت مان

[1] تفسير جامع البيان . [2] تفسير السدي .

مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٧٧﴾ وَّاِنَّ عَلَيْكَ لَعْنَتِيْٓ اِلٰى يَوْمِ

باهر نڪرپوءِ بيشڪ تون ترڙيل آهين. ۽ بيشڪ قيامت جي ڏينهن تائين تو تي منهنجي

الدِّيْنِ ﴿٧٨﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٧٩﴾ قَالَ

لعنت آهي. ابليس چيواي منهنجا رب پوءِ توڻ مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏي. الله تعالىٰ فرمايو

فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٨١﴾

پوءِ بيشڪ قيامت جي ڏينهن تائين تون مهلت ڏنلن مان آهين.

قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٢﴾ اِلَّا عِبَادَكَ

ابليس چيو تنهنجي عزت جو قسم يقيناً آئون انهن سڀني کي گمراهه ڪندس، سواءِ انهن جي

مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٨٣﴾ قَالَ فَالْحَقُّ ۙ وَالْحَقَّ اَقُوْلُ ﴿٨٤﴾

جيڪي تنهنجا مخلص بانها آهن. الله فرمايو پوءِ (ايئن) حق آهي، ۽ آئون حق چوان ٿو.

لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكَ وَمِمَّنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٥﴾ قُلْ مَآ

ڏ آئون توسان ۽ تنهنجي سڀني تابعدارن سان يقيناً جهنم کي پريندس. رسول عربي توهان فرمايو

اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ ﴿٨٦﴾ اِنْ

آئون توهان کان قرآن ڪريم پهچائڻ جو ڪو اجر نه ٿو گهران ۽ نه آئون اُن کي پنهنجي طرفان ٺاهيندڙ آهيان. ناهي

هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعْدَ حِيْنٍ ﴿٨٨﴾ ع ١٢ ٤٥

اهو (قرآن ڪريم) مگر سڀني جهانن لاءِ نصيحت آهي. ۽ يقيناً ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ توهان کي اُن جي خبر پوندي.

سُوْرَةُ الزُّمَرِ مَكِّيَّةٌ (٣٩) (٥٩)

اٰيَاتُهَا ٧٥ رُكُوْعَاتُهَا ٨

سورة زمر مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ٨ رڪوع ۽ ٧٥ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان پاڻ جهاري (آهي)

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَآ

(هي) قرآن ڪريم الله تعالىٰ جي طرفان نازل ڪيل آهي جيڪو غالب حڪمت وارو آهي. بيشڪ اسان توهان ڏانهن

اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ﴿٢﴾ ط

قرآن ڪريم حق سان نازل فرمايو پوءِ توهان خلوص سان الله تعالىٰ جي عبادت ڪريو.

اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ ط وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ

خبردار خالص عبادت فقط الله تعالىٰ لاءِ آهي، ۽ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ کان سواءِ ٻيا (بُت[1])

اَوْلِيَآءَ م مَا نَعْبُدُهُمْ اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰى ط اِنَّ اللّٰهَ

مددگار بنائين ٿا (ڪافر چون ٿا) اسين اُنهن بُتن جي فقط ان لاءِ عبادت ڪريون ٿا تہ اهي اسان کي الله ڏانهن ويجهو ڪن، بيشڪ الله تعالىٰ

يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِيْ مَا هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۵ ط اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ

انهن جي وچ ۾ فيصلو فرمائيندو انهن ڳالهين بابت جن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا، بيشڪ الله تعالىٰ ان شخص کي هدايت

مَنْ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ﴿٣﴾ لَوْ اَرَادَ اللّٰهُ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا

نہ ٿو ڏئي جيڪو ڪوڙو ۽ الله جي نعمتن جو ناشڪر آهي. جيڪڏهن الله تعالىٰ (بالفرض) پنهنجي لاءِ اولاد چاهي ها تہ

لَّاصْطَفٰى مِمَّا يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ لا سُبْحٰنَهٗ ط هُوَ اللّٰهُ الْوَاحِدُ

پنهنجي مخلوق مان جنهن کي چاهي ها انتخاب فرمائي ها، الله تعالىٰ ان کان پاڪ آهي، اهو وَاحِدُ الْقَهَّارُ

الْقَهَّارُ ﴿٤﴾ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ج يُكَوِّرُ الَّيْلَ

آهي. اُن آسمانن ۽ زمينن کي حق سان پيدا فرمايو، رات کي ڏينهن ۾

عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَ

داخل[2] ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ اُن سج ۽ چنڊ کي

الْقَمَرَ ط كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ط اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿٥﴾

مسخر بنايو، سڀئي هڪ مقرر وقت تائين هلي رهيا آهن، خبردار اهو غالب بخشيندڙ آهي.

وقف لازم

[1] تفسير ڪبير للعلامه رازي وتفسير روح البيان للعلامه حقي. (منزل ٦) [2] تفسير مظهري. [3] تفسير ڪمالين وجلالين.

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ

الله تعالىٰ توهان (انسانن) کي آدم مان پيدا فرمايو، اُن کان پوءِ اُن مان سندس گهرواري پيدا ڪئي ۽ توهان لاءِ چوپاين

الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ؕ يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ

مان اٺ قسم[1] پيدا ڪيا ۽ الله تعالىٰ توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽن ۾ مختلف ڪيفيتن کان پوءِ

خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ

ٽن اونداهين ۾ پيدا ڪيو. اهو توهانجو الله آهي جيڪو توهانجو خالق آهي ان جي بادشاهي آهي، ناهي ڪو معبود مگر اهو،

فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ۝٦ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ ۫ وَلَا

پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦروٿا. جيڪڏهن توهان ناشڪري ڪندا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ توهان کان بي نياز آهي ۽ الله تعالىٰ

يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ

پنهنجي ٻانهن جي ناشڪري کان راضي نه ٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن توهان شڪر گذار ٿيندا ته الله تعالىٰ توهان کان راضي ٿئي ٿو ۽ ڪو به ڪنهن جو

وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ؕ

بار نه ٿو کڻي، اُن کان پوءِ توهان کي توهان جي رب ڏانهن موٽڻو پوندو، پوءِ اهو توهان کي توهان جي عملن بابت ٻڌائيندو

اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا

بيشڪ اهو دلين جا راز چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. ۽ جنهن وقت انسان (ابوجهل[2]) کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته پنهنجي رب

رَبَّهٗ مُنِيْبًا اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ مَا كَانَ يَدْعُوْٓا

کي عاجزيءَ سان پڪاري ٿو، ان کان پوءِ جڏهن الله تعالىٰ اُن کي پنهنجي طرفان نعمت عطا ڪري ٿو ته پوءِ انسان ان اڳئين

اِلَيْهِ مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ قُلْ

پُڪار کي وساري ڇڏي ٿو ۽ (اهو انسان) الله تعالىٰ جا شريڪ بنائي ٿو ان لاءِ ته سنئين راهه تان گمراهه ڪري، رسول ۽ بي توهان فرمايو

تَمَتَّعْ بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ۖ ق اِنَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۝٨ اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ

ٿورڙو وقت تون پنهنجي ڪفر مان فائدو حاصل ڪر، بيشڪ تون جهنمي آهين. ڇا اهو مؤمن جيڪو نمازي[3] آهي

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير النسفي. [3] تفسير روح البيان. (منزل ٦)

أَنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ؕ

(ءِ اهو) رات جي وقت ۾ سجدو ۽ قيام ڪندڙ (نماز پڙهندڙ) آهي اهو آخرت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي رب جي رحمت جو اميدوار آهي،

قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ اِنَّمَا

رسول عربي توهان فرمايو، ڇا اهو صاحب علم ۽ اهو جاهل مانهو برابر ٿي سگهن ٿا (يقيناً نه) فقط

يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٩﴾ قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا ع ١٥

عقلمند ئي نصيحت وٺي سگهن ٿا . رسول عربي توهان فرمايو ته اي منهنجا مؤمن بندا، توهان پنهنجي رب کان

رَبَّكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرْضُ

ڊڄو ، جن مانهن هن دنيا ۾ نيڪي ڪئي انهن لاءِ (آخرت ۾) نيڪي آهي، ۽ الله تعالىٰ جي

اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿١٠﴾

زمين (مدينه منوره) وسيع آهي، صبر ڪندڙن کي بي حساب اجر ڏنو ويندو .

قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ﴿١١﴾ وَاُمِرْتُ

رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آئون خالص الله تعالىٰ جي عبادت ڪريان . ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي

لِاَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٢﴾ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ

ته آئون سڀ کان پهرين حڪم تسليم ڪندڙ هجان . توهان فرمايو (بالفرض) مون پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي ته بيشڪ

عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣﴾ قُلِ اللّٰهَ اَعْبُدُ مُخْلِصًا لَّهٗ دِيْنِيْ ﴿١٤﴾ فَاعْبُدُوْا

مون کي قيامت جي ڏينهن جو خوف آهي . توهان فرمايو آئون خلوص دل سان الله تعالىٰ جي عبادت ڪريان ٿو . پوءِ توهان عبادت ڪريو

مَا شِئْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ ؕ قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

الله کان سواءِ جنهن جي توهان چاهيو. توهان فرمايو بيشڪ نقصان ڪندڙ اهي مانهو آهن جن پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي

وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ﴿١٥﴾ لَهُمْ مِّنْ

قيامت جي ڏينهن نوٽ ۾ رکو، خبردار اهوئي صاف نقصان آهي . انهن (ڪافرن) لاءِ

ك تفسير النفحي .

فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنْ تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ

انهن جي مٿان ۽ انهن جي هيٺان باهه جا طبقا هوندا اهاردونرخ آهي) جنهن کان الله تعالىٰ پنهنجي

عِبَادَهٗ ؕ يٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ ﴿١٦﴾ وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا

بانهن کي ڊيڄاري تو، اي منهنجا بانها پوءِ توهان مون کان ڊجو. ۽ جيڪي مانهن بُتن جي پوڄا کان بچا

وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ﴿١٧﴾ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ

۽ الله ڏانهن وريا، انهن لاءِ بشارت آهي، پوءِ توهان انهن مانهن کي بشارت ڏيو جيڪي قرآن ڪريم ٻڌن ٿا

فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ

پوءِ ان جي سُٺن حڪمن جي تابعداري ڪن ٿا، اهي اُهي آهن جن کي الله تعالىٰ هدايت ڏني آهي ۽ اهي ئي

اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٨﴾ اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ؕ اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ

عقلمند آهن. ڇا جنهن مانهوءَ تي عذاب جي ڳالهه ثابت ٿي چُڪي آهي (اهوءَ نجات وارو پاڻ ۾ برابر ٿين ٿا، يقيناً نه) ڇا پوءِ تون هُن کي

مَنْ فِي النَّارِ ﴿١٩﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا

باهه کان بچائي سگهندو ٿا. پر اهي مانهو جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا، انهن لاءِ (بهشت ۾) مازيين جي

غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخْلِفُ

مٿان مازيون آهن، انهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، الله تعالىٰ پنهنجي ڪيل وعدي جي

اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿٢٠﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ

خلاف ورزي نه ٿو ڪري. ڇا تو (اي مخاطب) نه ڏٺو ته بيشڪ الله تعالىٰ آسمان مان پاڻي نازل ڪيو پوءِ اُن مان زمين ۾

فِي الْاَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ

واهرَ وهائي ٿو اُن کان پوءِ اُن مان مختلف رنگن جون پوکون پيدا ڪري ٿو ان کان پوءِ ان کي سُڪائي ٿو پوءِ تو ڪي

مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهٗ حُطَامًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٢١﴾ ع ٢ ٢ ٦

اهي پوکون هيڊيون ٿو سڏ ۾ ايندڙ ڏسين آخر ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو، بيشڪ اُن ۾ عقلمندن لاءِ نصيحت آهي.

له تفسير النسفي. ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير مظهري.

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ

الله تعالىٰ جنهن شخص جي سيني کي اسلام لاءِ ڪشادو ڪيو آهي پوءِ اهو پنهنجي رب جي طرفان نورانيت تي آهي، پوءِ ويل آهي

لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اَللّٰهُ نَزَّلَ

انهن دلين لاءِ جيڪي الله جي ذڪر کان سخت آهن، اهي صاف گمراهي ۾ آهن . الله تعالىٰ ئي

اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ

سڀ کان سهڻو ڪلام نازل فرمايو يعني اهو مقدس ڪتاب جيڪو پاڻ ۾ ملي جلي ٿو ۽ ان جي[1] تلاوت ڪئي وڃي ٿي (ان جي پڙهڻ سان) مؤمنن

الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ

جا وار ڪانڊار جي وڃن ٿا، اُن کان پوءِ انهن جون کلون ۽ انهن جون دليون الله جي ذڪر ڏانهن

اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ

مائل ٿين ٿيون، اها الله جي هدايت آهي جنهن کي چاهي اها هدايت عطا ڪري ٿو ۽ جنهن کي الله تعالىٰ گمراهه ڪري ٿو

فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٢٣﴾ اَفَمَنْ يَّتَّقِيْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يَوْمَ

پوءِ ان لاءِ ڪو هادي ناهي . جيڪو ماڻهو پنهنجي چهري تان قيامت جي ڏينهن وارو عذاب پري ڪري ٿو

الْقِيٰمَةِ ؕ وَقِيْلَ لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٢٤﴾ كَذَّبَ

(اهو ڪافر ۽ مؤمن پاڻ ۾ ڪيئن برابر ٿيندا) ۽ ظالمن کي چيو ويندو ته توهان پنهنجي بداعمالي جو مزو چکو . انهن کان اڳين

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٥﴾

ماڻهن به تڪذيب ڪئي، پوءِ انهن تي اُن جاءِ تان عذاب آيو جتان انهن کي ڌيان ۾ نه هو .

فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ

پوءِ (في الحال) الله تعالىٰ انهن کي دنيا جي خواري وارو عذاب چکايو ، ۽ يقيناً آخرت وارو عذاب

اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا

تمام وڏو آهي ڪاش جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها . ۽ بيشڪ تحقيق اسان ماڻهن لاءِ هن

وقف لازم

[1] تفسير مظهري .

الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۷﴾ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ

قرآن کریم ہر ھر مثال بیان کیو تہ مَن اھي نصیحت حاصل کن ۔ قرآن کریم عربی آھي جنھن ۾

ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۲۸﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ

کاتیڑائي کانھي تہ مَن اھي دڃن ۔ اللہ تعالیٰ ان ہانھي جو مثال بیان فرمایو جنھن جا

شُرَكَآءُ مُتَشٰكِسُوْنَ وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ

گھٹاءِ ھڪ ٻئي جا مخالف مالڪ ھجن ۽ اھو ٻانھو جنھن جو فقط ھڪ مالڪ ھجي، چا اھي ٻاڙ ۾ برابر ٿي سگھن ٿا۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۹﴾ اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ

سڀئي تعریفون اللہ لاءِ آھن، بلڪ انھن مان اڪثر لاعلم آھن ۔ بیشڪ تونھ وصال فرمائیندا ۽ بیشڪ اھي

مَّيِّتُوْنَ ﴿۳۰﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ تَخْتَصِمُوْنَ ﴿۳۱﴾ ع

ٻ مرندڙ آھن ۔ اُن کان پوءِ بیشڪ توھان پنھنجي رب وٽ قیامت جي ڏینھن ھڪ ٻئي سان جھگڑو ڪندا۔

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ

پوءِ ان شخص کان وڌیڪ ظالم ڪير ٿي سگھي ٿو جيڪو اللہ تي ڪوڙ ٻاڌي، جڏھن اُن وٽ سچ پھتو تہ اُن کي اُن

اِذْ جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۲﴾ وَالَّذِيْ جَآءَ

ڪوڙو سمجھو، چا ڪافرن لاءِ جھنم جو ٺڪاڻو ناھي (یقیناً آھي) ۔ رسولِ عربي سچ کڻي آیا

بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۳۳﴾ لَهُمْ مَّا

۽ ابوبڪر صدیق (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) اُن جي تصدیق ڪئي اِھي پرھیزگار آھن ۔ انھن لاءِ سندن رب وٽ

يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۴﴾ لِيُكَفِّرَ

اُھو آھي جيڪو ٻاڻ چاھیندا ، نیڪوڪارن جي اھا جزا آھي ۔ ان لاءِ تہ اللہ تعالیٰ

اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ

انھن تان سندن ھر قسم جا گناھ میٹي ڇڏي جيڪي انھن ڪیا ھُئا ۽ انھن کي سندن اجر کان بھتر جزا ڏي

الجزء ۲۴

۱۔ تفسیر مظھری ۔ ۲۔ حضرت علی کرم اللہ وجھہ الکریم کان روایت آھي (منزل ۶) تہ سچ آڻیندڙ حضور نبي ڪریم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن آھن ۽ ان جي تصدیق ڪندڙ حضرت ابوبڪر صدیق رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھن۔ تفسیر ڪبیر، تفسیر مظھری وتفسیر روح البیان وتفسیر النسفی ۔ ۳۔ تفسیر مظھری ۔